

# فطرت

## "ونسنٽ وان گو"

ڪليم لاشاري

بهار جي موسم ڏکڻ فرانس جي بيمثال اُس، لاباري جي منڊ ۾ هر گل، هر سنگ ترڙيل ۽ ڀرپور آهي ـــ هوا سڳنڌ سان ڀريل، تڏهن هڪ عجيب بيخودي پيدا ٿئي ٿي ۽ طبيعت تخليق طرف مائل ٿئي ٿي:

"مونکي ان وقت عجيب ڇڪ ٿيندي آهي، جڏهن فطرت ايڏي شاندار ٿئي ٿي. انهن ڏينهن ۾ مان پنهنجو پاڻ کان بيخبر ٿيو وڃان ۽ تصويرون ذهن ۾ ائين ٿيون اچن، جيئن خواب ۾ شيون نظر اينديون آهن.... آخرڪار زندگي دلفريب آهي." [ونسنٽ جو پنهنجي ننڍي ڀاءُ ٿيو THEO ڏي خط]

**هن فنڪار جي بيچين زندگي هاليند جي خاموش سرزمين کان شروع ٿئي ٿي ۽ لنڊن، برسلز، پيرس مان ٿيندي انهن اڪيلن مڪئي جي فصلن تي پهچي ٿي، جتي هن پنهنجو انت آندو.**

لنڊن ۾ ڪرسٽيز جي مشهور نيلام گهر تي اڄ غير معمولي رونق آهي ـ وڏا تاجر، نالي چڙهيا واپاري، نو دولتيا ڪروڙ پتي جن جي کيسن ۾ ڏوڪڙن جا ٿهڪ آهن، شوقين، جن کي شوقن ڪنگال ڪري ڇڏيو آ، دلچسپ خبرن جا متلاشي اخباري نمائندا، آرٽ جا نقاد، مفلس فنڪار، نادار شاگرد، رونشي ڪوڏيا، فيشني پاڻ ڏيکارڻ وارا..... مطلب ته هڪ دنيا اچي گڏ ٿي آهي.

ماڻهن جي چهرن تي جوش جي سرخي ڪنهن وڏي واقعي جي غماز آهي ـ اميدن جي بلندي سبب خاموشي طاري آهي.

هڪ تصوير جو نيلام آهي!

ٻولي هلي ٿي ـ دل جو دهڪو وڌي ٿو، چپ ايتري جو ساهه کڻڻ جو آواز به ٻڌڻ ۾ ٿو اچي.

ٻولي ڏيندڙ ميچن ۽ اشارن کي ڏسندو ٻولي وڌائيندو ٿو رهي. هو لکندڙن جي هٿ جي لوڏ، فونين تي سرگوشين کي نظر ۾ رکندو قيمت کي وڌ کان وڌيڪ چاڙهيندو ٿو وڃي.

ڇا هيءَ تصوير اڳين ريڪارڊ قيمت کان وڌيڪ مهانگي وڪامي؟ مانې (Eduard manet) جي تصوير 11.1 ملين ڊالرن ۾ وڪامي هئي، جيڪا ڪنهن به تصوير جي اڳه جو، هن وقت تائين رڪارڊ آهي. 12 ملين ڊالرن کان مٿي ٻولي لڳي آهي.

ويٺل پنهنجو ساهه روڪيون ويٺا آهن ته: ڪٿي ٿو سودو ٿئي.... ٻولي هاڻي ٻيڻ کان به مٿي چڙهي هلي آ.....

هي ڇا ٿو ٿئي؟

شايد تاريخ جي هڪ نئين دور جو آغاز ٿي رهيو آهي!

ٽي دفعه گهنٽي وڄي ٿي!

ڪنهن درياهه جو بند ٽٽي ٿو پئي؛

ڳالهاءُ جو آواز هال جي ڇت سان ٽڪرائجي، عجيب پڙاڏو ڪري ٿو.

اڄوڪي تصوير دنيا ۽ هن وقت تائين وڪرو ٿيندڙ تصويرن کان وڌو آگهه ڪيو آهي ۽ پراڻن رڪارڊن کي پٺي ڇڏيو آهي.

ڪئميرائن جي فليشن جي چمڪاٽ سبب نور جو سيلاب آيل آهي.

ماڻهو پنهنجين ڪرسين تان اٿي هيڏي هوڏي ٿا وڃن.

اخباري نمائندا فونين رستي اها خبر منتظر دنيا تائين پهچائڻ لاءِ زور زور سان ڳالهائين ٿا!

سامهون اسٽيج تي سونهري فريم ۾ هڪ سونهري تصوير رکيل آهي: تصوير ۾ پس منظر ڦڪو، گلدان زرد ۽ پيلي رنگ جو، ميز زرد، گل هيڊا، ڦڪا ۽ پيلا... آهن. خاموش تصوير مان سڪون بکي ٿو ـ ڇتائي ڏسڻ سان ان سڪون ۾ زندگي جو هيجان، جيئڻ جي شديد تمنا سمنڊ وانگر ڇوليون هڻندي نظر اچي ٿي.

بظاهر سورج مکي گل (Sun flowers) هڪ گلدان ۾ پيل آهن. گلدان تي هلڪي سائي رنگ ۾ ونسنٽ لکيل نظر اچي ٿو.

اهو ڪهڙو جذبو آهي جيڪو ان تصوير ۾ موجزن آهي؟

'تخليق جي قوت ۽ زندگي جي محبت.'

بيشڪ تخليق جي بيمثال قوت ان تصوير مان بکي ٿي.

۾ ڏسجي ته 'سن فلاورز' جو خالق پاڻ انهن کي ڪهڙي حيثيت ڏني ٿو:

'گاگين سورج مکي گل (Sun Flowers) کٽي ڏاڍو خوش ٿيندو. مان ڪيس خوش ڏسڻ چاهيان ٿو ۽ جيڪڏهن هو پنهجي تصويرن مان هڪ کڻڻ گهري ته ڀلي کڻي. مان اها تصوير ٻيهر ٺاهي وٺندس.

"اهي تصويرون اک کي وڻن ٿيون. منهنجي صلاح اها اٿئي ته اهي پاڻ وٽ رک..... اها ان قسم جي تصوير آهي، جيترو وڌيڪ ان کي ڏسجي، اوترو وڌيڪ ڀرپور نظر ايندي. ٻيو توکي چڱي طرح اها خبر آهي، گاگين ان تصوير جي عشق ۾ گرفتار آهي."

پال گاگين فرانس جو هڪ عظيم مصور ٿي گذريو آهي — جنهن جو ونسنٽ سان ياراڻو هيو، ۽ ونسنٽ جي سن فلاورز ساب شديد محبت هئي. ونسنٽ جي وفات کان پوءِ هن تاهيٺي ۾ سورج مکي جا ٻج گهرائي پوکيا. جڏهن گل ٽڙي پيا تڏهن پاڻ به انهن جي تصوير ٺاهي هيائين.

گاگين سن فلاورز کي کڻي وڃڻ پئي گهريو، انوقت ونسنٽ کيس اها تصوير ڏيڻ کان انڪار نه ڪيو هو، هو خط ۾ لکي ٿو:

'.... مان گاگين سان پنهنجيون شيون (تصويرون) مٽائڻ پسند ڪيانٿو، پوءِ اهو سودو مونکي ڀلي ڪيڏو مهانگو چو نه پئي."

ڇا ونسنٽ کي اها خبر هئي ته سن فلاورز ڪڏهن ايڏو وڏو اگهه ڪندا؟

هو ٿيو ڏي خط ۾ لکي ٿو: "مان قسم ساک تي ٿو چوان ته منهنجي سن فلاورز جو اگهه 'پنج سؤ فرانڪ آهي" مفلس ۽ نادر فنڪار جيڪو بکون ڪٽي به رنگ خريد ڪندو هيو ته جيئن هو تصويرون ٺاهي سگهي، ان کي ڪهڙي خبر ته سن فلاورز ڪڏهن ڪروڙن ۾ وڪامبا. هو ته بس اهو چاهي پيو ته ڪهڙي طرح ڪنهن تصوير جو مانُ







ونسنٽ وان گو جون شاهڪار تصويرون

وڌائي سگهجي ٿو.

"جيتري قدر منهنجي ڪم جو پئسن ۾ مله جو معاملو آهي، مان صرف ايترو چوندس اهو ضرور وڪامبو، پوءِ چاهي هاڻي وڪامجي يا بعد ۾، ان متعلق ظاهر آ ته مان ڪجهه نٿو چئي سگهان. البت ان جي قدر قيمت وڌائڻ جو يقيني طريقو اهو آهي ته: ماڻهو فطرت جي نظارن ۾ محو ٿي جذبي جي شدت سان ٺاهي."

ونسنٽ وان گو جي حياتي جو داستان ايترو ته دلچسپ آهي، جو ان کي هڪ جديد ڏند ڪٿا سڏي سگهجي ٿو. اهو هڪ اهڙو الميو آهي جنهن جو هرهڪ تفصيل نرالو ۽ ان جو اثر ايترو وحشتناڪ آهي، جهڙو قديم داستانن ۾ 'پروميٿيس' جو ٿي سگهي ٿو. هن فنڪار جي بيچين زندگي هالينڊ جي خاموش سرزمين کان شروع ٿئي ٿي ۽ لنڊن، برسلز، پيرس مان ٿيندي انهن اڪيلن مکئي جي فصلن تي پهچي ٿي، جتي هن پنهنجو انت آندو.

هي تخليقي جوش، بي لوث محبت، جذبات ۾ هلچل مچائيندڙ تصويرن ۾ برادرانه محبت جو لازوال داستان آهي.

ونسنٽ ۽ هن جي ننڍي ڀاءُ ٿيو (THEO) جي محبت جو داستان، قرباني ۽ باهم پيار جو اهڙو قصو آهي، جنهن جو نظير انساني تاريخ ۾ خال خال ئي نظر اچي ٿو. ان تعلق ٻاراڻي راندين کان شروع ٿي ڇوڪراڻي وهي جي ساٿ ۾ زور ورتو ۽ جڏهن جواني جي 'لغزشن' ۾ سيني ماڻهن ۽ واقفن مخالفت ڪري، هن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي ته به ٿيو جو هن سان ساٿ رهيو.

زماني جي تنقيد ۽ ٺوڪ جي باوجود ٿيو کي هن جي صلاحيتن تي پورو پورو ڀروسو هيو. هن جي ڀيڻ ٿيو کي هڪ خط ۾ لکيو هيو:

"تون ونسنٽ کي عام ماڻهن کان گهٽ مٿانهون سمجهين ٿو- پر مان چوان ٿي ته هو عام ماڻهو وانگر ٿي هلي ته به اسان کٽيوسين."

ونسنٽ تي جڏهن آرلز (ARLES) ۾ مرگهي جو شديد دورو پيو ته کيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ٿيو اطلاع پهچڻ تي آرلز اچي پهتو. ڀاءُ کي اسپتال ۾ ڏسي هو پاڻ نه جهلي سگهيو ۽ ڀاءُ سان ساڳئي بستري ۾ مٿو مٿي سان رلائي ستو. ان وقت ونسنٽ هن جي ڪن ۾ چيو، "ائين ٿو لڳي جڻ زنڊرٽ ۾ هجون."

زنڊرٽ ۾ انهن ٻنهي جو ٻالڪ پڻو گذريو هيو. ڀاءُ جي ويجهڙائي سبب ونسنٽ کي خيالن ۾ اهو حسين ۽ آزاد زمانو وري ياد اچي ويو. هن جي اکين آڏو گهر جا ڪمرا، باغ، ٻنيون، گرجا، پکين جا آکيرا ڦرڻ لڳا.

اسپتال ڇڏڻ کان پوءِ ونسنٽ اسپتال ۾ گذريل ان گهڙي جو ذڪر ٿيو ڏي هڪ خط ۾ ڪيو هيو.

ونسنٽ جا خط اهڙن خسيس لمحن جو ذڪر ب ڪن ٿا ته فني شهپارن متعلق رايا ب ڏين ٿا. انهن ۾ سندس تخليقي عمل جو سمورو رڪارڊ ب آهي ته اظهار جي قوت جي شدت جو ڏيک ب، انهن ۾ پاڪيزه محبت جي هجڻ جا قصه ب آهن ته: ڪريل رنڊين سان ياراڻن جا داستان ب.

ونسنٽ 1872ع ۾ جڏهن گوپل ۽ ڪمپني (پيرس)۾ ملازم هيو، ان وقت کان ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ خط و ڪتابت جو سلسلو شروع ٿيو، جيڪو ونسنٽ جي مرڻ گهڙي تائين جاري رهيو.

ٿيو اهي خط سانديندو ويو،

ونسنٽ جي آپ گهات ۽ ان جي ڇهن مهينن کان پوءِ، ٿيو جي موت بعد ٿيو جي بيوه سمورا خط سهيڙي ترتيب ڏئي، هالينڊ مان 1914ع ۾ شايع ڪرايا. ونسنٽ ڪيترن خطن تي تاريخ نه لکندو هيو. ان ڪري خطن جي تاريخ وار ترتيب ڏکيو ڪم هيو. ان جي تڪميل کان پوءِ هن، انهن خطن جو ب انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. هو انگريزي جي پڻ سٺي ڄاڻو هئي. افسوس جو جڏهن اهو ڪم ختم ٿيڻ تي هيو ته هن عظيم عورت 1925ع ۾ وفات ڪئي.

1927_29ع ۽ خطن جو انگريزي ترجمو ڪانسٽبل ۽ ڪمپني ٽن جلدن ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

اڻويهين صدي ۾ فنون لطيفه جي حوالي سان ٻه لکٽيون اهڙيون آهن جن کي هڪ بلند مقام حاصل آهي. جن جي مطالعه سان نه صرف لکندڙ جي اندروني هيجانن، تخليقي تصورن، ذهني بلندين جي پروڙ پئي ٿي بلڪ اها ب خبر پئي ٿي ته ان دور ۾ تخليقي فنڪار هئڻ جا معنيٰ رکندو هيو، هي آهن يوجين ڊيلا ڪروئڪس جو روزنامچو ۽ وان گو جا خط.

ونسنٽ وان گو جا خط سڌو دل تي اثر ڪن ٿا. اهي پنهنجي سچائي ۽ انڪساري سبب پڙهندڙ کي ان عظيم ذهن ۾ جهاتي پائڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا — جيڪو هوندي وس ڪندي ب ميسر نه ٿي سگهي ها.

ونسنٽ وان گو يورپ جي فن جي تاريخ ۾ عظيم مصورن مان هڪ ٿي گذريو آهي. هو هڪ بلند سوچ رکندڙ، نرم دل شخص هو، جيڪا حقيقت سندس خطن مان ظاهر ٿئي ٿي.

هي خط هن جي ذهن ۽ فن کي سمجهڻ لاءِ نهايت اهم آهن. پر جا ڳالهه انهن کي بلندي بخشي ٿي اها انهن جي دلڪشي آهي، جيڪا هرهڪ ماڻهو محسوس ڪري ٿو.

ان ڪري اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته مصور جي وڏي شهرت انهن خطن جي لازوال ڪشش جو سبب ناهي.



ونسنٽ وان گو 30 مارچ 1853ع ۾ هالينڊ جي زنڊرٽ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. نوجواني ۾ کيس هيگ ۾ 1869ع گوپل ۽ ڪمپني ۾ (جيڪا آرٽ جو واپار ڪندي هئي) ملازمت ملي. هو اتان ڪمپني جي لنڊن واري شاخ ۾ بدلي ٿي ويو [1873].

اتي جنهن گهر ۾ هو ڪرايه دار هيو، ان جي مالڪياڻي جي ڌيءُ ارسلا هن کي ڏاڍي وڻي. ونسنٽ خاموشي سان ان جي محبت ۾ گرفتار ٿي ويو. نيٺ هڪ ڏينهن ارسلا سان پنهنجو حال اوري شادي جي درخواست ڪيائين — پر ارسلا انڪار ڪيو.

هن جو لنڊن وارو قيام هاڻي تڪليف ده ٿي ويو. هو پيرس برانچ ۾ بدلي ٿي آيو. هن جي بيچين طبيعت هن کي اتي ب سڪون نه ڏنو. سندس ڪمپني جي مالڪن سان اڻبڻت ٿي ۽ کيس ڪمپني ڇڏڻي پئي. هو وري انگلينڊ ويو، جتي اسڪول ۾ پڙهائڻ جو ڪم شروع ڪيائين. 1876ع ۾ ڪرسمس ملهائڻ لاءِ والدين وٽ ايٽن هليو آيو، بعد ۾ ڪتابن جي هڪ دوڪان تي وڃي ويٺو. پر پوءِ پنهنجي پراڻي خيال کي پوري ڪرڻ لاءِ ايمسٽرڊيم يونيورسٽي ۾ مذهبي تعليم لاءِ داخلا جي امتحان جي تياري شروع ڪيائين. 1878ع ۾ اهو ارادو ترڪ ڪري ايوانجليڪل اسڪول، برسلز ۾ داخل ٿيو، پر ٽن مهينن ۾ ان پڙهائي کي ب ڇڏي ڏنائين ۽ کاڻين ۾ حادثي جي خبر ٻڌي پنهنجي خرچ تي کاڻين ۾ ڪم ڪندڙن ۾ تبليغ جي ڪم سان لڳي ويو. کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ غريب مزدورن سان هن کي جيڪا همدردي هئي اها پراڻي هئي.

"جڏهن مان انگلينڊ ۾ هيس ان وقت مون درخواست ڪئي هئي ته مونکي مبلغ جي حيثيت ۾ کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ محنت ڪش ڏي موڪليو وڃي. پر انهن منهنجي درخواست رد ڪئي ته مان 25 ورهين کان گهٽ ڄمار جو هيس."

پر هاڻي هن جي دل جي مراد پوري ٿي. کيس ڇهن مهينن لاءِ عارضي طور تي مبلغ جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ رکيو ويو.

ونسنٽ محنت ڪش جي غربت ڏسي پريشان ٿي ويو. انهن جي انتهائي مفلسي تي هن کي رحم آيو، جيڪو ڪجهه کيس مليو، اهو مسڪينن کي ڏئي ڇڏيائين. پاڻ ب انهن وانگر ڦاٽل لٽن ۾ رکو سکو کائي گذر ڪيائين. هن جي اها حالت ڏسي، کيس "وڌيڪ جوش ڏيکارڻ" تي خارج ڪيو ويو.

هو هڪ کان پوءِ ٻيو ۽ ٻئي کان پوءِ

"..... پينٽنگ جون ضرورتون بگڙيل محبوبائن وانگر هونديون آهن، جن جي ناز نخرن کي اوهان پئسن کان سواءِ پورو نٿا ڪري سگهو....."

ڀرواڙي جي حسن جو ونسنٽ مٿان خاص اثر هيو. هاڻي انهن جي منظر ڪشي جو موقعو هيو.

انهن ڏينهن ۾ هن جي سوٽ ’ڪي‘ مهمان ٿي اتي آئي، جنهن جو مڙس ڪجهه ڏهاڙا اڳ گذاري ويو هيو— ونسنٽ پنهنجي سوٽ جي ننڍڙي پٽ سان قرب وڌايو— هو پنهنجي سوٽ سان پيار ڪرڻ لڳو هيو. ڪجهه مهينن کان پوءِ ونسنٽ کيس شادي ڪرڻ لاءِ چيو. ڪي انڪار ڪيو، هو شادي ڪرڻ نه پئي چاهي. پر ونسنٽ هن جي انڪار تي مايوس نه ٿيو.

”مان توکان اهو ضرور پڇندس ڇا ڪو پيار جيڪو ايترو سنجيده ۽ شديد آهي، جيڪو هزار انڪارن تي به ٿڌو نه ٿئي، توکي حيرت ۾ وجهندو؟ مان سمجهان ٿو توکي حيرت ڏيڻ بجاءِ اهو فطري ۽ حقيقت پسندانه لڳندو. ڇو ته پيار هڪ مثبت، طاقتور ۽ حقيقي جذبو آهي. ان کي ختم ڪرڻ ائين ناممڪن آهي، جيئن پنهنجو ساهه وٺڻ. جيڪڏهن ان ڳالهه جي جواب ۾ تون ائين چوين ته ڪيترا ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجو ساهه وٺندا آهن، ان جي جواب ۾ مان اهوئي چوندس ته مان اهڙي قسم جو ماڻهو ناهيان جيڪو اهڙا خيال رکي.

”مونکي زندگي ڏاڍي پياري ٿي لڳي ۽ مونکي خوشي آهي ته مان محبت ڪيان ٿو. منهنجي حياتي ۽ پيار هڪ ٿي ويا آهن.“

’ڪي‘ واپس ايمسٽرڊيم هلي وئي. سموري خاندان ونسنٽ جي ان پيار جي مخالفت ڪئي. بس هڪ ٿيو طروان کيس دلداري ملي.

هڪ ڏينهن ونسنٽ ايمسٽرڊيم ويو، هو ڪي سان ملڻ گهري پيو. ان سان پاڻ ڳالهائڻ چاهي پيو. جڏهن هو اتي پهتو ته گهر وارا سڀ ماني جي ميز تي ويٺا هيا. جيئن ئي اها خبر پئي ته در تي ڪير آيو آهي، ڪي ميز تان اٿي هلي وئي. سندس پليٽ ميز تان هٽائي وئي، ونسنٽ اهو احوال تفصيل سان ٿيو ڏي لکيو:

”اهي چاهين پيا ته مان اهو سمجهان ته ڪي گهر کان ٻاهر آهي.... پر مون کي پڪ هئي ته هوءَ گهر ۾ آهي ۽ مونکي ائين لڳو ڄڻ ڪو مزاحيه کيڏ کيڏيو پئي ويو، ڪجهه دير کان پوءِ مون پڇيو، ”ڪي ڪٿي آهي؟“ ۽ گهر ۾ هر ڪنهن اهو سوال هڪ ٻئي کان پڇيو، ڪي ڪٿي آهي؟ آخرڪار چاچي جواب ڏنو ته ڪي گهر ۾ ناهي. ماني کان پوءِ چاچا ۽ چاچي مون کي اڪيلائي ۾ ويهاريو ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو. مان وري پڇيو: ”ڪي ڪٿي آهي؟“ تڏهن ٻهانه ۽ ڪوڙ ٻڌي ونسنٽ پنهنجو هٿ بتي جي شعلي تي جهليندي چيو: ”مونکي ايتري دير ڏسڻ ڏيو، جيترو وقت مان باهه ۾ پنهنجو هٿ جهليان ٿو،“ سندس چاچي سٽ ڏئي بتي کي هيٺ ڪيرايو.

**مان ڪيترن ڪمزورن کي پيرن ۾ لتاڙجندي ڏسان ٿو، تنهن ڪري مون کي هٽ ٺوڪي تهذيب ۽ ترقي جي خلوص تي شڪ آهي.**

نيٺ هن کي پڌايو ويو ته ڪي هن سان شادي نه ڪندي، جو هو کيس پسند نه پئي ڪري ۽ هن سان ملڻ نه پئي گهري. هن جي گهر اچڻ تي هوءَ گهر ڇڏي هلي وئي.

هو دلبرداشته گهر مان ٻاهر نڪتو— ٿڙندو ٿاٻڙندو..... سوچيندو رهيو ته زندگي کي ختم ڪري ڇڏجي.

هو هيگ هليو ويو. سڄي رات گهٽين ۾ رلندو رهيو... خيالن ۾ غلطان، جنهن کي هن زندگي جو ساٿ سمجهيو هو، اهو پيار ختم ٿي چڪو هو. جنهن کي هن دل جو واحد تاجدارسمجهيو هو ۽ دل ۾ قسم کاڌو هيو ته: ”اها ۽ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه،“ تنهن ته سندس سمورا خواب ختم ڪري ڇڏيا هيا— هاڻي جيئرو رهڻ مشڪل هيو— پر جيڪڏهن زنده رهي ته زندگي جي امنگن کي ڪٿان واپس آڻي؟

اندر ۾ هڪ جهيڙو جاري هيو— آخر هن فيصلو ڪيو. هو ٿيو ڏي ان فيصلي متعلق لکي ٿو:

”..... مان پاڻ کي چيو: ’اها ۽ ٻي ڪابه نه‘ به ته تون چيو هيو ۽ هاڻي تون ڪيئن ٻي عورت ڏي ويندين، اهو نامناسب آهي ۽ منطق جي خلاف پڻ، ۽ ان کي مان ائين وراڻيو، ڪير مختيار آهي، مان يا منطق، منطق منهنجي لاءِ آهي يا مان منطق لاءِ آهيان ۽ ڇا منهنجي ان غير مناسب رويي ۾ سبب ناهي؟“

جڏهن هن اهو فيصلو ڪيو ته پوءِ:

”.... منهنجا پيارا مونکي گهڻو ڳولهڻو نه پيو. مون کي هڪ عورت ملي جيڪا جوان هئي نه خوبصورت، نه ئي وري ان ۾ ڪا خصوصيت هئي.“

ان رات ونسنٽ ماضي جون يادون ذهن جي پٽي تان ميٽي ڇڏيون— هن اهو ڪم ڪيو ۽ ان کي درست ڄاتو. ابي ڏاڏي جي مذهب ۾ جيڪي ڪجهه غلط هيو، ان کي اڇلي پري ڪيائين. هو هاڻي هڪ انقلابي هيو— روايت پسندي کان پري زماني جي ٺاهيل پيمانن تي عمل کي ٽوڙڻ بدران هن هاڻي پنهنجي لاءِ جيڪو پيمانو مقرر ڪيو، اهو هيو اڌوگابرو جيئڻ يا هڪ ڀرپور حياتي گذارڻ.

ونسنٽ هاڻي هيگ هليو آيو— اتي مشهور مصور ماف (MAUVE) هن جي رهبري لاءِ موجود هيو. ٿيو هن جي خرچ جو بلو پنهنجي مٿان کنيو ۽ مهيني سر ڏيڍ سؤ فرانڪ موڪليندو رهيو. هو اڳ به ونسنٽ ڏي پيسا اماڻيندو رهيو هيو، پر والد جي معرفت، جنهن جي خبر ونسنٽ کي نه هئي. ماهوار مقرر ٿيل رقم ونسنٽ جي سڄي ڄمار جاري رهي، پر جڏهن به ممڪن ٿي سگهيو هن وڌيڪ به اماڻيا— هو ونسنٽ جي گهرج جي درخواست تي هميشه ڌيان ڌريندو هيو.



ونسنٽ وان گو جي شاهڪار تصوير

وڏيڪ' تصويرون ٺاهيون. پر بعد ۾ هن يادگيري مان ٺاهيل اهي تصويرون به ضايع ڪري ڇڏيون هيون.

انهن جا بحث ڏينهون ڏينهن شديد ٿيندا ويا. گاگين جي سخت هوشياري ونسنٽ کي هڪ عجيب ديوانگي ڏانهن ڌڪي رهي هئي. ونسنٽ ان ڪاوڙ کي سخت محنت سان دٻائيندو رهيو:

"..... اسان جا دليل بجلي وانگر جهٽڪا ڏيندڙ آهن. اسان جڏهن بحث ختم ڪيون ٿا ته ائين لڳي ٿو ڄڻ اسان جا مغز ڪنهن ڊسچارج اليڪٽرڪ بيٽري جيئان ختم ٿي ويا هجن."

انهن جا اختلاف ڏينهون ڏينهن واضع ٿيندا ويا. گاگين ڊسمبر ۾ ٿيو ڏي خط لکيو جنهن ۾ هن چيو ته هاڻي انهن ٻنهي جو گڏ رهڻ ممڪن نه هيو. چند ڏينهن کان پوءِ گاگين جو ٻيو خط ٿيو کي مليو، جنهن ۾ هن لکيو هيو ته سندس پهريون خيال ڪنهن خواب جيئان هيو ۽ هو ٻئي گڏ سک سان رهن پيا. 23 ڊسمبر تي ونسنٽ پنهنجي خط ۾ ٿيو ڏي لکيو ته رهڻ جي معاملي ۾ "...... گاگين جيڪو به فيصلو ڪيو، هو ان جو احترام ڪندو." انهي ڏينهن هن تي ذهني بيماري جو پهريون دورو پيو.

هو گاگين سان هوٽل ويو جتي هڪ رنڊي، جيڪا ڪيس وڻندي هئي ۽ ونسنٽ ان کي 'ڪبوتري' ڪري ڪوٺيندو هيو، هن جي گوڏن تي ويهي هن سان ناز نخرا ڪرڻ لڳي. گاگين هوٽل جي مٿئين منزل تي ٺهيل ڪمرن ۾ هليو ويو. هن به ونسنٽ کي مٿي هلڻ لاءِ چيو: وان گو کلي وراڻيو ته هن وٽ گهربل پنج فرانڪ ناهين جو هو ڀري سگهي.

نينگري هن جي ڪن کي هٿ لائي کلندي وراڻيو، "تو وٽ اهڙا سهڻا ڪن آهن پوءِ ڀلا توکي پئسن ڀرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟"

"ڇا توکي منهنجا ڪن وڻن ٿا؟"

"ڏاڍا!" نينگري هن جي سڄي ڪن تان چمي وٺندي وراڻيو هيو.

"توکي گهرجن؟" ونسنٽ وان گو عجيب لهجي ۾ هن کان پڇيو. "ها! پر اهي ڪي گڏي جا ڪن ته ناهين جيڪي سولائي سان لاهي سگهجن،" هو پنهنجي ان ڳالهه تي کلڻ لڳي ۽ ونسنٽ جو منهن چمين سان ڀري ڇڏيو.

ايتري ۾ گاگين هيٺ آيو- ونسنٽ نينگري کان موڪلايو ۽ ٻئي واپس ييلو هائوس موٽيا.

سڄي واٽ ونسنٽ خاموش رهيو.

گاگين ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ونسنٽ کو جواب نه ڏنو. ييلو هائس ۾ ونسنٽ جي عجيب رويئي سبب گاگين کي بيچيني محسوس ٿي. گاگين هن جي نگاهن ۾ ڪا عجيب ڳالهه ڏٺي. هو اها رات ييلو هائوس ۾ رهڻ بجاءِ هڪ هوٽل ۾ وڃي ٽڪيو.

صبح جو ڪيس خبر پئي ته ونسنٽ پنهنجو سڄو ڪن وڍي ڪاغذ ۾ ويڙهي وڃي نينگري کي ڏنو- هن جڏهن اهو تحفو کولي ڏٺو ته ويچاري دانهن ڪري فرش تي ڪري پئي ۽ بيهوش ٿي وئي. ونسنٽ واپس وڃي ييلو هائوس ۾ سمهي رهيو. ونسنٽ کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ گاگين پيرس هليو ويو. جتي هن ٿيو کي تار ڪري ان واقعي کان آگاهه ڪيو.

ٿيو آرلز پهتو. ونسنٽ جي حالت خراب هئي. هن تي دورا پوندا ٿي رهيا. مرگهي جا شديد دورا- جن ۾ شديد ذهني تڪليف پهچندي رهيس ۽ هو تصور ۾ هالينڊ کي ڏسندو رهيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٿيو کي واپس پيرس وڃڻو پيو. ڊاڪٽر ري ۽ پوسٽ مين رولين هن جي خيالداري ڪئي.

هو روزانو ٿيو ڏي هن جو سمورو احوال موڪليندا رهيا.

سال جي آخري ڏينهن تي ونسنٽ پاڻ کي ذهني طرح بهتر محسوس ڪيو ۽ نئين سال شروع ٿيڻ تي ٿيو ڏي خط لکيائين:

"..... مان جلد پينٽنگ ٻيهر شروع ڪندس..... ۽ جلدئي سٺي مِند شروع ٿي ويندي ۽ مان باغن جي بهار چٽي سگهندس..... مون کي سخت افسوس آهي جو توکي تڪليف ٿي. منهنجي وس ۾ هجي ها ته توکي سفر جي اها تڪليف نه ڏيان ها."

رولن جي درخواست تي ستين تاريخ ڊاڪٽر ونسنٽ کي گهر وڃڻ جي اجازت ڏني. رولن جي مدد سبب هن جلد ئي پينٽنگ ٻيهر شروع ڪئي. ٻنهي جشن صحت ملهائيندي رات جي ماني هوٽل ۾ کاڌي پر 21 تاريخ هن جي بدلي مارسيلز ٿي وئي. ونسنٽ لکي ٿو:

"..... جيئن چوٽي آهي ته مصيبت ڪڏهن اڪيلي نه ايندي آهي، اها صحيح ثابت ٿي ٿئي، رولن ڪالهه روانو ٿي ويو....."

رولن کي جڏهن به وارو مليو هو، ونسنٽ سان ملڻ لاءِ ايندو رهيو.

ونسنٽ جي زندگي هاڻي هڪ نئون رخ اختيار ڪيو، هن جي پينٽنگ واري محنت ۾ هاڻي دورن کان بچڻ لاءِ جدوجهد به شامل ٿي وئي.

هن جو هي دَوُر تخليق جو دور هو:

"اهڙا موقعا اچن ٿا جو مان جوش، چرياڻپ يا آورد محسوس ڪيا نٿو ۽ هڪ معجزو رونما ٿئي ٿو."

**مونکي افسوس آهي جو مونکي انهن حالتن ۾ هي هنڌ ڇڏڻو ٿو پئي ۽ منهنجو افسوس منهنجي چرياڻپ کان وڌيڪ طاقتور آهي. ان ڪري به مان سمجهان ٿو ته گهربل ضابطو رهندو.**

فيبروري ۾ هن کي وري دورو پيو—— کيس اسپتال داخل ڪيو ويو. هو جلد صحتياب ٿي واپس ييلو هائوس پهتو، پر ڪن ماڻهن جي درخواست تي هن کي آرلز ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. هن کي اسپتال ۾ رکيو ويو. ڊاڪٽر ٿيو ڏي لکيو هيو ته هو بالڪل ٺيڪ هيو ۽ هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ جو ڪو سبب نه هو.

اتي مصور سگنيڪ (Signac) هن کي ڏسڻ آيو- اهو ڏينهن انهن ڏاڍو خوش گذاريو. ادب، سوشلزم ۽ پينٽنگ متعلق ڪچهري ڪيائون. ڊاڪٽر سيليز (Dr. Salles) ونسنٽ جي مستقبل لاءِ فڪر مند هيو، هو ان لاءِ مختلف رٿائون زير غور آڻيندو رهيو. ونسنٽ جي پنهنجي صلاح تي کيس سينٽ ريمي جي ذهني مريضن جي اسپتال ۾ رهائڻ تي راضي ٿيو. پر ان گان اول ڊاڪٽر وڃي پاڻ اهو هنڌ ڏٺو—— جڏهن کيس يقين ٿيو ته اهو ماحول ونسنٽ لاءِ تڪليف ده نه ٿيندو، تڏهن اتي بندوبست ڪيو ويو.

ونسنٽ جي بيماري کي سمجهڻ ڏکيو ناهي —— هن جا خط به ان متعلق چڱي معلومات پهچائن ٿا. درحقيقت خاندان ۾ مرگهي جي مرض جا ٻيا مريض به هيا. خود ٿيو ۽ ونسنٽ تي به ان جو اثر هيو. هن جي بيماري جو ٻيو وڏو سبب هن جي پنهنجي صحت ۽ جسم طرف غفلت هئي. ٻارنهن سالن تائين هن جسم جي ضرورتن کي نظر انداز ڪيو هيو.

هونئن بہ غذا جي گهڻتائي ـــــ فاقہ، ڪافي ۽ تماڪ تي گذر ـــــ اهي سڀ شيون ڪنهن بہ مضبوط جسم کي پيچي پروڙي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هيون.

سينٽ ريمي ۾ هن جي زندگي ۾ هڪ ترتيب هئي. ڪيس پينٽنگ لاءِ سهولت ميسر هئي. هن اتي ذهني بيمارن کي ويجهڙائي ۾ ڏٺو. هن جي خطن ۾ انهن لاءِ همدردي جا جذبا صاف نظر اچن ٿا.

سينٽ ريمي ۾ هن کي پينٽنگ متعلق سوچڻ جو وارو مليو ـــــ پنهنجي محنت ۽ ان جي نسبت ۾ زماني جي ميجوتي جي پيٽ ڪيائين، ٿيو جي هيڏي ساري قرباني، جنهن پنهنجي اڌ آمدني هن کي ڏني هئي تہ جيئن هو پينٽنگ ڪري سگهي، ڪجهہ گهٽ اهم نہ هئي ۽ ان جي نسبت ۾ انهن تصويرن جي وڪري جي حالت ڇا هئي؟

”.... منهنجيون تصويرون ڪنهن ڪم جون ناهن، جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي تہ انهن منهنجو گهڻو خرچ ڪاڏو آهي، رت ۽ مغز جو خرچ.... ۽ جڏهن ان تي سوچجي ٿو تہ اها اسان جي بيوقوفي آهي، جو اسان پينٽنگ ڪيون ٿا، جيڪا اسانجو ايترو خرچ ڪائي ٿي ۽ موٽ ۾ ڪجهہ نٿي آڻي، پيو تہ ٺهيو، پر معمولي سيڙپ جيترا پئسا بہ نٿا ملن.“

ونسنٽ سڄي ڄمار پنهنجي ان مفلسي جي بار هيٺ رهيو. اهو بار هن جي ذهن کي بيچين رکندو هيو. هو ڀاءُ کي چوندو رهيو تہ جيڪا مدد ڪندو ٿو رهي ان جي موٽ ۾ هن جي تصويرن جو مالڪ آهي:

”مان عرض ڪيان ٿو تہ اهي تصويرون مان جيڪي توڏي موڪليان ٿو اهي قبول ڪر ۽ ان سان گڏوگڏ شڪرانا بہ، انهن ٿورن لاءِ جيڪي تون مون تي ڪيا آهن. توکان سواءِ مان وڏو بدنصيب هجان ها.“

اڄ اهو وقت اچي ويو آهي جو ونسنٽ جي هڪ تصوير جي قيمت ايتري آهي، جيترو ونسنٽ سڄي ڄمار ۾ خرچ نہ ڪري سگهي ها.

> ”..... اسان جا دليل بجلي وانگر جهٽڪا ڏيندڙ آهن. اسان جڏهن بحث ختم ڪيون ٿا تہ ائين لڳي ٿو ڄڻ اسان جا مغز ڪنهن ڊسچارج اليڪٽرڪ بيٽري جيئان ختم ٿي ويا هجن.“

پر پنهنجي زندگي ۾ هو ان ڳالهہ لاءِ آتو رهيو تہ ڪهڙي طرح هو پنهنجو قرض لاهي سگهي. ٿيو، پنهنجي ڀاءُ جي خيال سان متفق نہ هيو. هو هن جي ذهن کي سڪون ڏيڻ لاءِ هميشہ چوندو رهيو:

”مان اها ڳالهہ توکي چوان ٿو ۽ هميشہ چوندو رهندس تہ اهو پئسن جو ڪو مسئلو آهي ئي نہ.... تون قرض موٽائڻ جي ڳالهہ ٿو ڪرين ۽ مان ان ڳالهہ کي ميجيان ئي نٿو. توکي اندازو ڪونهي، اهڙي ڳالهہ چئي تون مونکي ڪيتري تڪليف پهچائي آهي.“

پر ونسنٽ جو اصرار رهيو تہ ”مان پئسا واپس ڪندس يا وري جان ڏيندس.“ سينٽ ريمي ۾ ونسنٽ پينٽنگ ڪندو رهيو ـــــ اهي تصويرون ڏسي محسوس ٿئي ٿو تہ هو جو ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو، اهو انهن تصويرن ۾ چوڻ ممڪن نہ هيو.

هو پنهنجي صحت جي بهتر ٿيڻ جي خبر ڏئي ٿو، پينٽنگ جي انداز تي تبصرو ڪري ٿو.

صحت بهتر ٿيڻ سان پينٽنگ ڪرڻ جي خواهش وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿي. هو ڪتابن تي تبصرو ڪري ٿو. زولا جي هڪ ناول ۾ بيان ٿيل هڪ ڪردار جو ذڪر ڪري ٿو:

”برٽ پريندي عورت مون کي ڏاڍي خوبصورت لڳي، سونهري برٽ جو بيان بہ دلچسپ آهي. اهو رنگن جو معاملو آهي، مختلف ڦڪا رنگ، سڄا ۽ ٽٽل.....“

هو پينٽنگ ۾ منهمڪ آهي هن کي خبر آهي تہ وقت جي اهميت ڇا آهي: ”زندگي ائين گذرندي رهي ٿي. وقت موٽي نٿو. مان پنهنجي ڪم ۾ تمام مشغول آهيان، ڇو تہ مونکي خبر آهي تہ ڪم ڪرڻ جا موقعا ٻيهر نٿا ملن ۽ خاص ڪري منهنجي معاملي ۾ جڏهن تہ ڪو خطرناڪ دورو منهنجي پينٽنگ جي صلاحيت کي هميشہ لاءِ ختم ڪري سگهي ٿو.“

هو پنهنجي صلاحيتن جي وڌڻ ۽ پينٽنگ سان پنهنجي واقفيت متعلق لکي ٿو:

”مون کي اهي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون، جيڪي مان سالها سال ڳولهيندو رهيو هيس ۽ منهنجي ذهن ۾ ڊيلاڪروئڪس جي اها چوڻي ڦرندي ٿي رهي تہ هن پينٽنگ متعلق ان وقت ڄاتو هيو، جڏهن ڏندن ۾ دم هن جو ساٿ ڇڏيو،“ اتي ونسنٽ محسوس ڪيو تہ هن کي اها جاءِ ڇڏڻ گهرجي. هو اتر وڃڻ گهري پيو ـــــ پراڻن دوستن سان ملڻ جي خواهش شديد ٿيڻ لڳي هئي. هن کي سينٽ ريمي مان اها شڪايت هئي تہ اتي مريضن جي مذهبي توهمات کي ختم ڪرڻ بجاءِ انهن کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي.

سيپٽمبر 1889ع واري خط ۾ هو وري وري ان جاءِ ڇڏڻ لاءِ چئي ٿو. صاف محسوس ٿئي ٿو تہ هو وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ آتو آهي. اهي فعل اتان جي رهواسي مريضن، اسپتال جي عملي ۽ ان علائقي جي احوال سان ڀريل آهن. ونسنٽ اسپتال جي طريقہ ڪار تي جيڪو تبصرو ڪيو آهي اهو پڻ لاڳاپيل ماڻهن جي رهبري ڪري سگهي ٿو.

سينٽ ريمي ۾ هن کي بہ دؤرا پيا ـــــ بعد ۾ جڏهن هو آرلز ۾ دوستن سان ملڻ ويو هيو تہ کيس دورو پيو ۽ هن کي گاڏي ۾ ڪٽائي سينٽ ريمي آندو ويو.

هن جي بيماري کي هڪ سال پورو ٿيو هيو تہ کيس ڪرسمس تي ٻيهر شديد دؤرو پيو. تڪليف حد کان وڌي وئي. پريشاني ۾ هن پنهنجا رنگ ڪائي پاڻ مارڻ جي ڪوشش ڪئي.

هو اڃان ٺيڪ نہ ٿيو هيو تہ سندس ڀاڄائي (جيڪا اميد سان هئي) ويم ڪان هڪ رات اول هن ڏي خط لکيو، ٻئي ڏينهن ان کي پٽ ڄائو، جنهن جا نالو ونسنٽ جي نالي پٺيان رکيو ويو ـــــ اها خبر ۽ ڀاڄائي جو خط جڏهن هن کي مليو تہ هن ڀاءُ کي مبارڪباد ڏني:

”ان ڳالهہ مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو هو تہ ’جو‘ مهرباني ڪري ويم کان هڪ رات اول مونڏي خط لکيو ـــــ ۽ خاص ڳالهہ تہ هو خطري جي وقت ايتري بهادري ۽ سڪون سان لکي سگهي ٿي.“

هو ننڍڙي ونسنٽ لاءِ دعا ٿو ڪري:

”منهنجي اها تمنا آهي تہ هن جي منهنجي منفرد روح کان جداگانہ طبيعت هجي.“

انهن ڏينهن ۾ ونسنٽ جي فن تي هڪ مضمون ڇپيو هيو. ان متعلق هن جو ردعمل هن جي ذهانت ۽ بردباري جو مظهر هيو:

”.... جيڪڏهن ڪنهن قسم جي شهرت اسان جي حصي ۾ اچي ٿي تہ اهڙي موقعي تي اسان پرسڪون رهون ۽ حاضر دماغي جو ثبوت ڏيون.“

ايندڙ بهار جون تصويرون ٺاهڻ جي تياري ۾ هو، آرلز ويو جتي هن مٿان بيماري جو ستون حملو ٿيو، جيڪو ڪافي سخت هيو ۽ ۽ ان جو اثر فيبروري ڪان اپريل جي وچ تائين رهيو.

سينٽ ريمي ۾ چاڪائي جي ڏينهن ۾ هو تصويرون ٺاهيندو رهيو، هر منظر ۾ زيتون جي باغن، سرو جي وڻن کي چٽيندو رهيو. جڏهن هو ٻاهر نڪرڻ جهڙو نه هوندو هيو ته مليٽ، ڊيلاڪروئڪس ۽ ريمبران جي تصويرن جي بنياد تي تصويرون ٺاهيندو هيو، جن کي هو ٽرانسليشن (ترجمو) ڪوٺيندو هو. ڪيس اهو انديشو هو ته ماڻهو ان عمل کي نقل ڪرڻ ڪوٺيندا ۽ تنقيد سان هن لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪندا:

"جيڪڏهن مون کي اهو ڪم جاري رکڻو آهي ته پوءِ مان ان کي 'ترجمو ڪرڻ' سڏيندس.... ۽ اها ضرورت رهندي ته ڪو گاگين يا رسل جهڙو فنڪار اهو ڪم ڪري ۽ ان کي سنجيدگي عطا ڪري."

آخرڪار هن سينٽ ريمي ڇڏڻ جو پڪو فيصلو ڪيو جيڪو هن کي 'تباهه ڪري ڇڏيندو.'

ٿيو مشهور مصور پسارو (Pissaro) جي مدد سان نيٺ اهڙو هنڌ هٿ ڪيو جتي ونسنٽ کي موڪلي سگهجي.

ڊاڪٽر گيچٽ هڪ ماهر طبيب هو، جنهن جو پينٽنگ سان به شغف هو. هو پيرس کان هڪ ڪلاڪ جي پنڌ تي آفرز سرائي ۾ رهندو هو. اهو هڪ خوبصورت ڳوٺ هو، جتي ڊاڪٽر جي نظرداري به ميسر هئي. ٿيو هن کي وٺڻ لاءِ سينٽ ريمي وڃڻ گهري پيو، پر ونسنٽ ان کي ضروري نه سمجهيو:

"..... جڏهن ريل ۾ سوار ٿي وڃان ته پوءِ مونکي ڪهڙو پڙ پولڻ. مان خطرناڪ ناهيان،..... مان صبر ڪري سگهان ٿو ۽ هن وقت تائين مان ڪنهن کي به نقصان نه پهچايو آهي. اهو انصاف ناهي جو مونکي ڪنهن جي نگراني هيٺ موڪليو وڃي، جيئن مان ڪو خطرناڪ جانور هجان؟

..... مونکي پورو ڀروسو آهي ته پاڻ تي ضابطو رهندو. مونکي افسوس آهي جو مونکي انهن حالتن ۾ هي هنڌ ڇڏڻو ٿو پئي ۽ منهنجو افسوس منهنجي چريائپ کان وڌيڪ طاقتور آهي. ان ڪري به مان سمجهان ٿو ته گهربل ضابطو رهندو."

پيرس ۾ هن جو انتظار آهي. ٿيو اسٽيشن تي هن کي وٺڻ ويجي ٿو. ونسنٽ جي ڀاڄائي، جنهن اڃا تائين ڏير کي نه ڏٺو آهي، گهر ۾ انهن جي انتظار ۾ ويٺي آهي. هو ان شخص کي ڏسڻ چاهي ٿي، جنهن جو سندس مڙس جي دل ۽ دماغ تي قبضو آهي. جيڪو ٿيو جي محبت ۽ آمدني ۾ هن سان ڀاڱي ڀائيوار آهي.

ٿيو ۽ ونسنٽ عمارت جي ڀرسان پهتا ته هن هٿ لوڏي اشارو ڪيو ۽ ٿيو جي گهرواري هٿ لوڏي انهن جي آجيان ڪئي. گهر پهچي پهريون ڪم اهو ڪيو ويو ته ونسنٽ کي سندس ڀائيٽو ڏيکاريو ويو— ننڍڙي کي ڏسي هن ڀاڄائي کي چيو:

"منهنجي ننڍڙي ڀيڻ! هن کي جهالرن ۾ اهڙو سوگهو نه ڪر!"

ٽي ڏهاڙا انهن سان گڏ گهاري ونسنٽ پنهنجي نئين منزل طرف روانو ٿيو.

ڊاڪٽر گيچٽ پاڻ هڪ نهايت دلچسپ شخصيت جو مالڪ هيو.

آرٽ سان هن جي دلچسپي شوق جي حدن کان وڌيل هئي. هن جو تعلق ان وقت جي سيني امپريشنسٽ پينٽرز سان هيو، جن جون ڪيترين تصويرون هن جي گهر جو سينگار هيون. هن ڪيترا پکي ۽ جانور پنهنجي گهر جي باغ ۾ پاليا هيا. ڊاڪٽر متعلق ونسنٽ خط ۾ ٿيو ڏي لکيو:

"اڄ ڊاڪٽر سان ٻيهر مليس، مان اڳاري تي هن جي گهر وڃي پينٽنگ ڪندس ۽ پوءِ اسان گڏجي ماني کائينداسين. بعد ۾ هو مونسان هوٽل ايندو ۽ منهنجيون تصويرون ڏسندو. هو ڏاڍو سمجهدار ٿو ڏسجي. پر هو پنهنجي ڪم کان دلبرداشته آهي، جيئن مان پنهنجي ڪم مان آهيان. مان چيو مانس ته وڏي خوشي سان ڪم بدران ڪم مٽائڻ لاءِ تيار آهيان. بهرحال مونکي يقين آهي ته اسان دوست ٿي وينداسين."

ونسنٽ جي خيال ۾ ڊاڪٽر هن جيترو "چريو هو. جيڪڏهن وڌيڪ نه چئجيس ته."

ڊاڪٽر، هن جي پينٽنگ ۾ مهارت ڏسي ونسنٽ کي هڪ وڏو مصور مڃيو هيو— هو هن جي فلسفيانه خيالن جو معترف هو. ڊاڪٽر چڱي طرح سمجهي چڪو هيو ته ونسنٽ لاءِ مصوري صرف شوق نه هيو، بلڪ هڪ دين هيو، هڪ يقين هيو، جنهن لاءِ هن زندگي وقف ڪئي هئي.

**مان پنهنجي ڪم ۾ تمام مشغول آهيان، ڇو ته مونکي خبر آهي ته ڪم ڪرڻ جا موقعا ٻيهر نٿا ملن ۽ خاص ڪري منهنجي معاملي ۾ جڏهن ته ڪو خطرناڪ دورو منهنجي پينٽنگ جي صلاحيت کي هميشه لاءِ ختم ڪري سگهي ٿو.**

ڊاڪٽر ڌاتو جي پليٽ تي تيزاب سان تصوير ڪشي ڪندو هيو. هن اهو طريقو ونسنٽ کي سيکاريو. ونسنٽ جي مشهور تصوير جنهن ۾ هو پائپ جهليون ويٺو آهي، ڊاڪٽر ۽ هن گڏجي ٺاهي هئي.

ونسنٽ به ڊاڪٽر جي تصوير ٺاهي جنهن ۾ 'انهن ڏينهن جي اداسي' کي سموئي ڇڏيو اٿس.

آفرز ۾ پڻ حسب سابق هن جو وقت مصروفيت ۾ گذريو. ڊچ پينٽر هرشنگ، جيڪو انهن ڏينهن ۾ اتي هو، سان خوب ملاقاتون رهيون.

سڪون ۽ سک جو وقت جلدئي ختم ٿي ويو، مهينو پورو ٿيڻ تي ٿيو جو خط پهتو— ننڍڙو ونسنٽ بيمار هيو، ٿيو سخت پريشان ٿيو— هوڏانهن جتي هيو نوڪري ڪندو هيو، اتي به حالتون سٺيون نه هيون، ايندڙ وقت متعلق ڪا پڪ نه هئي. مستقبل غير يقيني هيو، انديشن جي غبار سوچ جي افق کي ميرو ڪري ڇڏيو هيو.

تنهن هوندي به هن وڏي محبت سان ونسنٽ کي چيو ته هو انهن ڳالهين سبب پاڻ کي پريشان نه ڪري، ڇو ته هن جي ويجهو ونسنٽ جي خبر وڌيڪ اهم هئي.

ونسنٽ فورا خط روانو ڪيو:

".... جيڪڏهن مان سمجهان ها ته ان فڪر جي گهڙي ۾ ڪا مدد ڪري سگهان ٿو ته مان فورا__ پيرس هليو اچان ها. مونکي افسوس آ ته مان پڻ اوهان وانگر بيوس آهيان."

پر هن کي ڳڻتي کٽي ڏنو ۽ هو فورا__ پيرس وڃي پهتو.

پيرس ۾ ونسنٽ جي ملاقات لاءِ دوست احباب وڏي تعداد ۾ جمع ٿيا ۽ هو ٻه مصروف ڏينهن اتي گذاري واپس آفرز وريو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ننڍڙي جي طبيعت ٺيڪ ٿي ۽ ونسنٽ ان تي خوشي جو اظهار ڪيو.

هاڻي هن جي خيالن ۾ بيچيني جو عنصر شامل ٿي ويو، جنهن ڏينهون ڏينهن شدت ورتي. ونسنٽ کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ زندگي جو سلسلو ختم ٿيڻ وارو هجي:

"منهنجي زندگي کي وڏو خطرو آهي ۽ منهنجا قدم هاڻي ٿاٻڙجن ٿا...."

هن جو ڪم جاري رهيو. ان وقت هن مکڻ جي فصلن سان ڀريل ٻنيون پينٽ ڪيون هيون:

"اداس ۽ ملول آڪاش هيٺان، مکڻ ڀريون ٻنيون ٺاهيندي، غمگيني ۽ اڪيلائي جي شدت کي پيش ڪرڻ ۾ مونکي ڪا خاص تڪليف ڪرڻي نه پئي —— اميد اٿم ته مان اهي تصويرون پيرس آڻيندس. مونکي اندازو آهي ته اهي تصويرون اهو ڪجهه ٻڌائينديون جيڪو مان لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان."

آخرڪار ونسنٽ اها تصوير ٺاهي ٿو، جنهن ۾ مکڻ جي ٻنين مٿان ڪارا ڪانگ ڪنهن ايندڙ مصيبت جيئان لامارا ڏيندا نظر اچن ٿا.

—— ونسنٽ جي آخري تصوير، ايندڙ تباهي جو اعلان اڄ ٻه موجود آهي، جنهن ۾ ونسنٽ جي ذهن ۾ ٿيندڙ تبديليون، هيجان ۽ اڌوگابرا فيصلا چشم تصور سان چٽي طرح ڏسي سگهجن ٿا.

بيماري دوران وڌندڙ تڪليف ۽ دوَرن جي اذيت هن جي ذهن ۾ خوف پيدا ڪيو هو، جنهن جو اظهار هن جي خطن ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا ٿيل آهي. ٿي سگهي ٿو ته دنيا جي بيحسي جيڪو افسوس پيدا ڪيو هو، ان جو بدلو هن ائين ورتو هجي.

پر انهن ڳالهين کي هن جي موت جو سبب نه ٿو چئي سگهجي —— ونسنٽ جنهن طرح سان ڏکين ڏينهن ۾، جنهن شدت سان جيئري رهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اها هن جا خط پڙهڻ کان پوءِ ڳجهي نٿي رهي —— ها البت ائين چئي سگهجي ٿو ته خيالن جي يڪسوئي جو خاتمو، حالتن جي ڪشاڪش، تخليقي قوتن متعلق شڪ ۽ شبها پيدا ٿيڻ سبب هن کي آخرڪار اهو انتهائي فيصلو ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پيو.

27 جولاءِ تي هن وڻن جي جهڳٽي ۾ وڃي پاڻ کي گولي هنئي.

پاڻ سنڀالي، ڪوٽ جا ٻٽڻ بند ڪري هو وچڙندڙ وکن سان واپس هوٽل پهتو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهي رهيو.

جڏهن ماني کائڻ لاءِ هو هيٺ نه آيو ته هوٽل جي مالڪ مٿي وڃي مالڪي ڪئي. ونسنٽ جي حالت ڏسي ڊاڪٽر گيچٽ کي اطلاع ڏنو ويو.

> **"...... جيستائين منهنجي مصوري جو تعلق آهي، ان لاءِ مان پنهنجي حياتي داءَ تي لڳائي، منهنجو اڌ ذهن ان ڪري تباهه ٿيو آهي —— ان جو ٻه خير آهي. تون..... انسانيت جي حوالي بنا ڪنهن جو پاسو وٺندي صحيح فيصلو ڪري سگهين ٿو، پر هاڻي ان مان ڪهڙو فائدو؟"**

ڊاڪٽر فورا پهتو. ٿيو کي اطلاع ڏيڻ لاءِ ونسنٽ کان ان جي ايڊريس پڇي وئي —— ونسنٽ ايڊريس ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو. هو ڀاءُ کي پريشان ڪرڻ نه پيو چاهي.

صبح جو ڊاڪٽر جو پٽ پيرس وڃي ٿيو کي آرٽ گيلري مان وٺي آيو—— ٻئي ڀائر هوٽل جي ڪمري ۾ ڊچ زبان ۾ پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا، ونسنٽ هر هر ڀائٽي متعلق پڇندو رهيو.

ٿيو صدمي سبب سائو ٿي پيو هيو—— هو ڀاءُ سان گڏ رهيو. هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات گذرڻ کان پوءِ ونسنٽ ڀاءُ ڏي منهن ڪري چيو:

"منهنجي تمنا آهي ته هاڻي مان هلان."

ائين چئي هن اکيون ٻوٽيون ۽ ٿوري دير کان پوءِ هن جو ساهه هلڻ بند ٿي ويو.

مرڻ وقت هن جي کيسي مان ڀاءُ ڏي لکيل هڪ اڌورو خط مليو:

"...... جيستائين منهنجي مصوري جو تعلق آهي، ان لاءِ مان پنهنجي حياتي داءَ تي لڳائي، منهنجو اڌ ذهن ان ڪري تباهه ٿيو آهي —— ان جو ٻه خير آهي. تون...... انسانيت جي حوالي بنا ڪنهن جو پاسو وٺندي صحيح فيصلو ڪري سگهين ٿو، پر هاڻي ان مان ڪهڙو فائدو؟"

هوٽل جي ڪمري ۾ ونسنٽ جي جنازي جي چوڌير هن جون ٺاهيل تصويرون رکيون ويون هيون.

اهي تصويرون ونسنٽ جا دوست ايملي برنارڊ، لاول ۽ تانگوئي پيرس مان کڻي آيا هئا.

هن عظيم مصور کي دوستن اهڙي طرح خراج تحسين پيش ڪيو——

هو مري ويو، پر پنهنجين تصويرن ۾ هو امر آهي. انهن تصويرن ۾ هن جا جذبا، هن جا تصور، هن جي جيئڻ جي شديد خواهش ۽ تخليق جا خزانا اڄ ٻه محفوظ آهن.

اڄ سڄي دنيا هن باڪمال پر بدنصيب مصور جي عزت افزائي ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ۾ آهي، جنهن کي دنيا ڌڪار، نفرت، بک، افلاس ۽ بيماري کان سواءِ ڪجهه نه ڏنو هيو.

هن جي جدوجهد جو داستان هزارن ڪتابن جو سينگار بڻيو آهي، پر هن متعلق لکيل هيترن سارن ڪتابن مان سڀ کان وڌيڪ دلچسپ، سهڻو ۽ حقيقت کي ويجهو ڪتاب هن جي پنهنجن لکيل خطن جو مجموعو آهي. جنهن جو نالو ٻنهي ڀائرن جي محبت ۽ ٿيو جي خدمت جي اعتراف ۾ انهن ٻن لفظن تي رکيو ويو آهي، جن سان ونسنٽ پنهنجا خط شروع ڪندو هيو:

"Dear Theo" (پيارا ٿيو)



چُوروچانهه جي اعلیٰ ترين ڪوالٽي
لپٽن جي پرل دست
معيار لاجواب ، تسڪين بي مثال
Lipton
Pearl Dust
Top Quality Dust Tea




84 فطرت جو چترڪار
"ونسنٽ وان گو"
(آرٽ) ڪليم لاشاري

9 تڪامنا ٻول
(ايڊيٽوريل)

10 سنيها سڪ وارن جا
(خط)

12 پروڙ جي پرک
(سڄڻ جارايا)

51 اسڪائي ليڪس
ايڪسپيڊيشن
(سنڌو جي سفر جي ڪهاڻي)
اشتياق انصاري

39 ههڙا هاڃا تين!!!
(سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪيل گهوٽالن
بابت اهم رپورٽ)
راول

46 عالمي انقلابي پورهيت
تحريڪ جو بحران عارضي
آهي
(عالمي صورتحال جو تجزيو)
رسول بخش پليجو

79 هيروشيما
(پرڏيهي ادب)
سنڌيڪار: عبدالقادر جوڻيجو

97 ڏاهرسين بابت حقيقت
(تاريخ) ڪيول ملڪاڻي

102 سچل جي ڪلام تي
تحقيق جا ڪجهه پهلو
(تحقيق) مرليڌر جيٽلي

105 فٽنيس ڪلب
(رانديون) استاد

107 ٻار جي اوسر ۾ نفسيات
(نفسيات) جاويد قاضي

109 سگهن سڌ نه سور جي
(ڏيهي ڪهاڻي)
مدد علي سنڌي

111 سچل ان شيريٽن
(ڏيهي ڪهاڻي)
رحمت الله ماڃوٺي

114 رزق
(ڏيهي ڪهاڻي)
خالد پرويز "مارو"

115 شاعري

# پرواز

## سالگرھ نمبر

نرمل شاعر ۽ بيباڪ صحافي
**شمشير الحيدري**
سان ڳالهہ ٻولهہ

**ھھڙا ھاحيا ٿين!**
(سنڌي ادبي بورڊ ۾ ٿيل بدعنوانين
۽ اقرباپرورين جي فيچر رپورٽ)

**فطرت جو چترڪار**
**ونسينٽ وان گو**
(ڪليم لاشاري جو اهم مضمون)

**السٽي آواز: علن فقير**
(ممتاز مرزا جي خصوصي تحرير)



**سنڌ ۾ ڌوھن جا سبب، اثر ۽ نتيجا**
(سنڌ ۾ ڌوھن بابت جامي چانڊيو جي اهم رپورٽ)